مَنْ يُرِدِ اللّٰهُ بِهِ خَيْرًا يُفَقِّهْهُ فِي الدِّينِ

جمادي الاخري 1447 هجري

دسمبر 2025 عيسوي

اشاعت 85

ماهوار رسالو

ضياء الاسلام

مؤلف:

مفتي عبدالڪريم جوڻيجو قادري سڪندري

منجانب: دار العلوم جامع غوثيه رضويه باءِ پاس روڊ ڏوڪري لاڙڪاڻو

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

ماهوار رسالو ضياء الاسلام

بفيضانِ نظر

ماهوار رسالو ضياء الاسلام

سيدنا ومرشدنا حضور غوث اعظم پيران پير

ابو محمد سيد عبدالقادر جيلاني بغدادي حسني حسيني

قدس الله سره

جمادي الاخري 1447

دسمبر 2025

زيرسرپرستي

استاد الحفاظ سائين

حافظ عبداللطيف

جوڻيجو قادري

حفظہ الله تعالي

مؤلف

مفتي عبدالڪريم جوڻيجو

قادري سڪندري

فهرست

منجانب:

دار العلوم جامعه غوثيه رضويه باءِ پاس روڊ ڏوڪري لاڙڪاڻو سنڌ

رابطي لاءِ: 03063475291 03029265918

انوار القرآن

بسم الله الرحمن الرحيم

وَاعْبُدُوا اللّٰهَ وَلَا تُشْرِكُوْا بِهٖ شَیْـًٔا وَّ بِالْوَالِدَیْنِ اِحْسَانًا وَّ
بِذِی الْقُرْبٰی وَ الْیَتٰمٰی وَ الْمَسٰكِیْنِ وَ الْجَارِ ذِی الْقُرْبٰی وَ
الْجَارِ الْجُنُبِ وَ الصَّاحِبِ بِالْجَنْۢبِ وَ ابْنِ السَّبِیْلِۙ وَ مَا
مَلَكَتْ اَیْمَانُكُمْ اِنَّ اللّٰهَ لَا یُحِبُّ مَنْ كَانَ مُخْتَالًا فَخُوْرَا"ۙ

ترجمو :

" ۽ الله تعالیٰ جي عبادت ڪريو ۽ انهيءَ سان ڪنهن شيءِ کي شريڪ نه ڪريو ۽ نيڪي ڪريو پيءُ ماءُ سان ۽ مائٽن سان ۽ يتيمن سان ۽ مسڪينن سان ۽ ويجهڙن پاڙسرين سان ۽ پري وارن پاڙيسرين سان ۽ گڏ رهندڙن سان ۽ مسافرن سان ۽ پنهنجن ٻانهن سان، بيشڪ الله تعالیٰ پسند نٿو فرمائي انهيءَ ماڻهوءَ کي جيڪو وڏائي ڪندڙ فخر ڪندڙ آهي"

(سورت نساء آيت 36)

قارئين ڪرام: هن آيت شريف ۾ الله رب العالمين ٻن قسمن جي حقوق کي بيان ڪيو آهي، پهريون حقوق الله يعني الله سبحانه وتعالي پنهنجي حقوق کي بيان ڪيو آهي ۽ ٻيون حقوق العباد يعني الله رب العالمين پنهنجي ٻانهن جي حقوق کي بيان ڪيو آهي، بحيثيت مسلمان انهن ٻنهي قسمن جي حقوق کي ادا ڪرڻ ۾ ئي اصل ڪاميابي آهي،

هن وقت مسلمانن جي اندر ڪجھ ماڻهو اهڙا آهن جيڪي حقوق الله کي ادا ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندا رهن ٿا، مثلا، توحيد، نماز، روزا، حج، زڪوات ۽ احڪام الاهي ادا ڪرڻ ۾ اڳيرا آهن پر حقوق العباد جي طرف انهن ماڻهن جي توجه نه هئڻ برابر آهي، ۽ ڪجھ ماڻهو وري حقوق العباد يعني الله رب العالمين جي ٻانهن جي حقوق کي ادا ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪن ٿا پر حقوق الله يعني پنهنجي رب ڪريم جي حقوق کي وساري ڇڏين ٿا. انهن مان به چند اهڙا ماڻهو آهن جيڪي انسان ذات جي خدمت سچي دل سان ايمانداري سان ڪن ٿا،

اڪثر ماڻهن ته پنهنجي ذاتي مفادن خاطر سوشل ويلفيئر جي مختلف نالن سان تنظيمون ٺاهيون آهن، اهڙي قسم جا ماڻهو انسان ذات جي خدمت جي آڙ ۾ الله رب العالمين جي احڪامن جي خلاف ورزي، نماز، روزي، زڪوات، حج ۽ دين اسلام جي تمام ارڪانن جي مخالفت ڪرڻ وارا هوندا آهن، خصوصا ديني، مذهبي انسانن جي مخالفت ڪندا آهن.

۽ ڪجھ ماڻهو اهڙا آهن جيڪي حقوق الله ۽ حقوق العباد ادا ڪرڻ ۾ پيش پيش هوندا آهن، در حقيقت اهي ئي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب آهن.

(1) الله تبارڪ وتعالي جا حقوق ٻانهي جي مٿان لازم آهي ته صرف پنهنجي رب ڪريم جي ئي عبادت ڪري الله جي ذات ڪان علاوه ٻيو ڪنهن جي به عبادت ڪرڻ جائز نه آهي بلڪ سخت حرام آهي، عبادت جو مطلب آهي ته عبادت ڪندڙ پنهنجي معبود کي پنهنجو خالق ۽ مالڪ سمجهي ڪري ان جي سامهون انهي جي بندگي ٻانهپ ڪري ۽ اهو پاڻ کي انهي جو ٻانهو به سمجهي ته مان هن جو ٻانهو آهيان، لهذا اهڙو عمل فقط الله رب العالمين جي لاء جائز آهي، ٻيو ڪنهن جي لاء جائز نه آهي

ياد رکڻ گهرجي ته عبادت جا سمورا قسم يعني عبادت قلبي، بدني ۽ مالي فقط هڪ ئي معبود حقيقي الله رب العالمين جي لاء آهن.

حاصل ڪلام هي آهي ته عبادت ۾ عبديت يعني پاڻهپ جو ۽ معبود جي الوهيت جو اعتقاد رکڻ ضروري آهي. الله رب العالمين کي سجدو ڪرڻ عبادت آهي، پر فرشتن جو سيدنا حضرت آدم عليه السلام کي سجدو ڪرڻ عبادت واسطي نه هيو. اهڙي طرح حضرت يعقوب عليه السلام جو حضرت يوسف عليه السلام کي سجدو ڪرڻ به عبادت جو نه هيو. بلڪ اهو سجدو تعظيم واسطي هيو. اهو تعظيم جو سجدو انهن اڳين نبين سڳورن جي شريعت ۾ فقط انهن لاء جائز هيو. ۽ هاڻي دين. اسلام . شريعت. قرآن ۽ سنت جي تعليم ۾ الله کان علاوه ٻي لاء عبادت جو سجدو ڪرڻ ڪفر آهي. ۽ تعظيمي سجدو ڪرڻ به سخت حرام آهي. اهل سنت جو اهو ئي عقيدو آهي. انهي لاء اولياء ڪرام جي مزارات کي سجدي ڪرڻ وارن جو مسلڪ حق اهل سنت سان ڪو به واسطو نه آهي.

(2) الله پاڪ جو پنهنجي ٻانهن جي مٿان ٻيو حق هي آهي ته الله تعالي جي ذات ۽ صفات ۾ ڪنهن به شريڪ نه ڪجي الله پاڪ وحده يعني اڪيلو آهي ۽ لاشريڪ يعني انهي جو ڪو به شريڪ نه آهي،

شرڪ جي تعريف: شريعت مطهره جي اصطلاح ۾ الله پاڪ کان علاوه ٻي ڪنهن کي الوهيت ۾ حصي دار بڻائڻ يا الله پاڪ جي مثل سمجهڻ شرڪ آهي، مسلڪ حق اهل سنت جو پختو عقيدو آهي ته الله پاڪ جو ڪو به شريڪ نه آهي نه ذات ۾ نه صفات ۾ نه ئي الله پاڪ جو ڪو مثل ئي آهي، شرڪ بابت ارشاد باري تعالي آهي، " اِنَّ اللّٰهَ لَا يَغْفِرُ اَنْ يُّشْرَكَ بِهٖ وَ يَغْفِرُ مَا دُوْنَ ذٰلِكَ لِمَنْ يَّشَآءُ ۚ وَ مَنْ يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ فَقَدِ افْتَرٰۤى اِثْمًا عَظِيْمًا" "بيشڪ الله تعالى ان کي نٿو بخش ڪري جو ان سان شرڪ ڪيو وڃي ۽ بخش ڪري ٿو انهي کان سواءِ جنهنکي چاهي، ۽ جيڪو الله تعالى سان شرڪ ڪري ٿو پوءِ بيشڪ اُنهيءَ تمام وڏو گناه ڪيو" (سورة النِّسَآءِ آيت 48)

حقوق العباد

(1) والدين سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ: ياد رکڻ گهرجي ته الله پاڪ اسان سڀني جو خالق آهي ۽ والدين خلقت جو ذريعو آهن، لهذا نسبي رشتن ۾ قريبن ۾ حسن سلوڪ جا وڌيڪ حقدار والدين آهن، والدين اسان جي بي بسي، بي ڪسي ۽ محتاجي جي وقت جا عظيم محسن آهن، انهي لاءِ الله رب العالمين پنهنجي عبادت جو ذڪر ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي ٻانهن کي حڪم ڏنو آهي ته اوهان پنهنجي والدين سان تمام ستو ۽ سهڻو سلوڪ ڪيو جيئن ارشاد باري تعالي آهي، "وَقَضٰى رَبُّكَ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّآ اِيَّاهُ وَ بِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا اِمَّا يَبْلُغَنَّ عِنْدَكَ الْكِبَرَ اَحَدُهُمَآ اَوْ كِلٰهُمَا فَلَا تَقُلْ لَّهُمَآ اُفٍّ وَّلَا تَنْهَرْهُمَا وَقُلْ لَّهُمَا قَوْلًا كَرِيْمًا" ۽ رسولِ عربيءَ جي رب قطعي حڪم فرمايو ته توهان خاص الله جي عبادت ڪريو ۽ پيءُ ماءُ سان احسان ڪريو، جيڪڏهن تو وٽ انهن مان هڪ عمر رسيده ٿئي يا ٻئي عمر رسيده ٿين، پوءِ تون انهن کي اُف به نه چئو ۽ نه ئي ڪين جهڙپ ڏي ۽ تون انهن سان سهڻو ڳالهاءِ" (سورة بَنِيٓ اسْرَآءِيْلَ آيت 23)

يعني جنهن شخص کي معلوم ڪرڻو پوي ته منهنجو رب مون کان راضي آهي يا ناراض انهي کي گهرجي ته پنهنجي ابي ۽ امان ڏانهن نظر ڪري جيڪڏهن والدين انهي سان راضي آهن ته پوءِ پڪو ڄاڻي ته انهي جو رب به انهي کان راضي آهي پر جيڪڏهن ڪنهن سان ابو ۽ امان ناراض آهي ته يقين ڪري ته رب العالمين به انهي تي غضبناڪ آهي،

(2) پنهنجي عزيزن ۽ قريبن سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ، حقوق العباد جي بيان ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي ويجهي مٽن ۽ مائٽن سان سهڻو ۽ سٺو سلوڪ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، حضرت سلمان بن عامر رضي الله عنه کان روايت آهي رسول ڪريم خاتم النبيين ﷺ جن فرمايو "الصَّدَقَةُ عَلَى الْمِسْكِينِ صَدَقَةٌ وَهِيَ عَلَى ذِي الرَّحِمِ ثِنْتَانِ صَدَقَةٌ وَصِلَةٌ " يعني ڪنهن مسڪين کي صدقو ڏيڻ ۾ هڪ صدقي جو ثواب آهي ۽ پنهنجي مائٽ رشتيدار کي صدقو ڏيڻ ۾ به ثواب آهن هڪ صدقي ڏيڻ جو ثواب ۽ ٻيو مٽي مائٽي ڳنڍڻ جو ثواب آهي،

(مسند امام احمد)

3) يتيمن سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ،

قرآن ۽ سنت ۾ حڪم ڏنو ويو آهي ته يتيمن سان سهڻو سلوڪ ڪريو. انهن سان چڱائي ڪريو. انهن سان احسان سان پيش اچو انهن ڪي خوش رکو ڇو ته يتيم ڏکويل ۽ غمگين هوندا آهن. خود ڪفيل ناهن هوندا ننڍڙائپ جي ڪري محنت، مزدوري ۽ ڪمائڻ کان عاجز هوندا آهن،

حضرت سهل بن سعد رضي الله عنه کان روايت آهي رسول ڪريم خاتم النبيين ﷺ جن فرمايو أَنَا وَكَافِلُ الْيَتِيمِ فِي الْجَنَّةِ هَكَذَا ، وَأَشَارَ بِالسَّبَّابَةِ وَالْوُسْطَى وَفَرَّجَ بَيْنَهُمَا شَيْئًا" يعني مان ۽ يتيم جي ڪفالت سنڀال ڪرڻ وارو بروز قيامت هيئن گڏ هونداسين پاڻ اشهد آگر ۽ وچين کي ملائي ٿورو سنڌو ڪري اشارو فرمايائون. (بخاري حديث 5304)

(4) مسڪين سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ،

الله رب العالمين مسڪينن سان سهڻي سلوڪ ڪرڻ جو حڪم فرمايو آهي مسڪين اهي ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي زندگي جي گذران ۾ پريشان حال هجن سندن وٽ گذر بسر لاءِ ڪجه به نه هجي. يا زميني، آسماني ناگهاني آفتن ۽ مصيبتن جي سبب مال ملڪيت، گهر ۽ تمام الهه تلهه تباه ۽ برباد ٿي چڪو هجي اهڙن مسڪين ۽ لاچار ماڻهن سان سٺو ۽ سهڻو سلوڪ ڪرڻ گهرجي،

(5) پاڙيسرين سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ،

قرآن پاڪ ۾ الله رب العالمين حقوق العباد جي بيان ۾ پنهنجي پاڙي وارن سان سٺي ۽ سهڻي سلوڪ ڪرڻ جو حڪم فرمايو آهي، پاڙيسري پنهنجي قريبن مان هجي، يا ڌارين مان هجي يا وري مسلمان ناهي پر پاڙي وارو آهي سيني سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ گهرجي انهن سيني سان احسان ڪرڻ سان پيش اچڻ گهرجي، پاڙيسرين جي حقوق متعلق احاديث مبارڪه ۾ تمام گهڻي تاڪيد ڪئي وئي آهي،

(1) عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ، قُلْتُ : يَا رَسُولَ اللهِ ، إِنَّ لِي جَارَيْنِ فَإِلَى أَيِّهِمَا أُهْدِي ؟ قَالَ : إِلَى أَقْرَبِهِمَا مِنْكِ بَابًا"

ترجمو: ام المومنين سيده امان عائشه صديقه رضي الله عنها روايت آهي ته مون بارگاه رسالت ماب ﷺ ۾ عرض ڪيو ته يارسول الله ﷺ منهنجا به پاڙيسري آهن پوءِ انهن مان ڪنهن ڏانهن هديو موڪليان؟ نبي ڪريم خاتم النبيين ﷺ فرمايو ته جنهن جي گهر جو دروازو اوهان جي گهر جي دروازي کي وڌيڪ ويجهو هجي ان کي هديا موڪليو. (بخاري حديث 2595)

(2) عَنْ أَبِي ذَرٍّ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَا أَبَا ذَرٍّ إِذَا طَبَخْتَ مَرَقَةً فَأَكْثِرْ مَاءَهَا وَتَعَاهَدْ جِيرَانَكَ" ترجمو: حضرت ابو ذر رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول ڪريم خاتم النبيين ﷺ فرمايو جڏهن شوربي يعني رهي وارو ٻوڙ رڌي ته انهي ۾ پاڻي وڌيڪ وجهه پنهنجي پاڙي وارن جو به خيال ڪندو ڪر، (مسلم حديث 2625)

(3) عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ مَا زَالَ يُوصِينِي جِبْرِيلُ بِالْجَارِ حَتَّى ظَنَنْتُ أَنَّهُ سَيُوَرِّثُهُ" ترجمو: ام المومنين سيده عائشه صديقه رضي الله عنها روايت آهي رسول ڪريم خاتم النبيين ﷺ فرمايو جبريل عليه السلام مون کي هميشه پاڙي وارن لاءِ ايترو چوندو رهيو جو مون خيال ڪيو ته عنقريب انهن کي وارث بڻايو ويندو" (بخاري)

(6) دوست احباب: پنهنجي مخلص يعني سچن دوستن سان سهڻي سلوڪ ڪرڻ، جيڪي اوهان جا گڏ رهندڙ، يا گڏ ڪائيندڙ، پيئندڙ، گڏ گهمندڙ، يا مسجد، مدرسي، اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽي ۾ گڏ پڙهندڙ سيني سان خير خواهي ڪرڻ گهرجي انهن سان تمام سهڻي ۽ سٺي اخلاق سان پيش اچڻ گهرجي،

(7) مسافرن يا مهمانن سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ، الله پاڪ جي بانهن جي حقوق مان هي به آهي ته مسافرن ۽ مهمانن سان سهڻي طريقي سان پيش اچڻ گهرجي انهن جي واجبي خدمت ڪرڻ گهرجي انهن جو احترام ڪيو وڃي،

عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ ، قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَنْ كَانَ يُؤْمِنُ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الآخِرِ فَلَا يُؤْذِ جَارَهُ وَمَنْ كَانَ يُؤْمِنُ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الآخِرِ فَلْيُكْرِمْ ضَيْفَهُ وَمَنْ كَانَ يُؤْمِنُ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الآخِرِ فَلْيَقُلْ خَيْرًا أَوْ لِيَصْمُتْ"

ترجمو "حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي رسول ڪريم خاتم النبيين ﷺ فرمايو جيڪو شخص الله پاڪ ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو ته پوءِ پنهنجي پاڙيسري کي نه ايذائي ۽ جيڪو الله پاڪ ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو ته پنهنجي مهمان جي عزت ڪري ۽ جيڪو ايمان رکي ٿو الله پاڪ ۽ آخرت جي ڏينهن تي ته پوءِ سٺو ڳالهائي يا وري خاموش رهي "(بخاري 6018)

قارئين ڪرام: الله پاڪ کان دعا آهي ته شال الله پاڪ حقوق الله و حقوق العباد احسن طريقي سان ادا ڪرڻ جي توفيق بخشي آمين ثم آمين،

حواله جات

قرآن ڪريم، تفسير نعيمي، تفسير تبيان القرآن، تفسير صراط الجنان تفسير احسن البيان بخاري شريف، مسلم شريف، ترمذي شريف،

انوار الحديث

عَنْ عَبْدِ اللَّهِ، قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: أَبْرَأُ إِلَى كُلِّ خَلِيلٍ مِنْ خِلِّهِ وَلَوْ كُنْتُ مُتَّخِذًا خَلِيلًا لَاتَّخَذْتُ ابْنَ أَبِي قُحَافَةَ خَلِيلًا، وَإِنَّ صَاحِبَكُمْ خَلِيلُ اللَّهِ"

ترجمو : حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو: مان هر خليل جي دوستي کان الڳ آهيان جيڪڏهن دنيا ۾ مان ڪنهن کي پنهنجو خليل بڻايا ها ابن قحافه (يعني صديق اڪبر رضي الله عنه) کي پنهنجو خليل بڻايا ها ۽ بيشڪ اوهان جو هي ساٿي الله پاڪ جو خليل آهي. (جامع ترمذي)

قارئين ڪرام : هن حديث مبارڪ مان مسلمانن جي پهرين متفقه خليفي امير المؤمنين سيدنا صديق اڪبر رضي الله عنه جو عظيم شان معلوم ٿئي ٿو، پاڻ رضي الله عنه جن وڏن مردن ۾ ايمان آڻڻ وارا پهريان پهريان مؤمن آهن

قرآن شريف جون ڪيتريون ئي آيتن ۾ سندن جي شان ۽ فضيلت جو بيان آهي، الله پاڪ جو فرمان مبارڪ آهي

(1) اِلَّا تَنۡصُرُوۡهُ فَقَدۡ نَصَرَهُ اللّٰهُ اِذۡ اَخۡرَجَهُ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا ثَانِيَ اثۡنَيۡنِ اِذۡ هُمَا فِى الۡغَارِ اِذۡ يَقُوۡلُ لِصَاحِبِهٖ لَا تَحۡزَنۡ اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا‌ ۚ فَاَنۡزَلَ اللّٰهُ سَكِيۡنَتَهٗ عَلَيۡهِ وَاَيَّدَهٗ بِجُنُوۡدٍ لَّمۡ تَرَوۡهَا وَجَعَلَ كَلِمَةَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوا السُّفۡلٰى‌ؕ وَكَلِمَةُ اللّٰهِ هِىَ الۡعُلۡيَا‌ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيۡزٌ حَكِيۡمٌ"

"جيڪڏهن توهان رسولِ عربيءَ جي مدد نه ڪندا پوءِ بيشڪ الله سندس مدد ڪندو، جنهن وقت رسولِ عربيءَ کي ڪافرن هجرت ڪرائي، رسولِ عربي ۽ ابوبڪر صديق اُن وقت غارِ ثور ۾ موجود هئا، ان وقت رسولِ عربي پنهنجي اصحابي (ابوبڪر صديق) کي فرمايو تون منهنجو انتظار نه ڪر بيشڪ الله اسان سان گڏ آهي، پوءِ الله پنهنجي رحمت ابوبڪر صديق تي نازل فرمائي ۽ ان کي اهڙي لشڪر سان مضبوط بنايو جيڪو توهان نه ڏٺو ۽ الله تعالیٰ ڪافرن جي ڳالهه کي هيٺ ڪيو، ۽ پنهنجي ڳالهه کي مٿي ڪيو، ۽ الله غالب حڪمت وارو آهي. (سورت توبه آيت 40)

(2) وَسَيُجَنَّبُهَا الْاَتْقَى، وَسَيُجَنَّبُهَا الْاَتْقَى،

۽ ان کان ضرور پري رکيو ويندو ان شخص کي جيڪو وڏيڪ پرهيزگار آهي.

(3) الَّذِىْ يُؤْتِىْ مَالَهٗ الَّذِىْ يُؤْتِىْ مَالَهٗ يَتَزَكّٰى.

جيڪو پنهنجو مال بنا ڪنهن ريا جي خرچ ڪري ٿو.

(4) وَمَا لِاَحَدٍ عِنْدَهٗ مِنْ نِّعْمَةٍ تُجْزٰىٓ وَمَا لِاَحَدٍ عِنْدَهٗ مِنْ نِّعْمَةٍ تُجْزٰىٓ

۽ ڪنهن جو ان تي ڪو احسان ناهي جنهنجو بدلو ڏنو وڃي ٿو.

(5) اِلَّا ابْتِغَآءَ وَجْهِ رَبِّهِ الْاَعْلٰى

مگر اهو فقط پنهنجي رب تعالیٰ جو رضامندو گهُري ٿو.

(6) وَلَسَوْفَ يَرْضٰى

۽ اهو جلد (پنهنجي رب کان) راضي ٿيندو.

مسلمان ڀائرو! هنن آيتن ۾ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جو شان ۽ فضيلت بيان ٿيل آهي.

تفسير خازن جي صاحب لکيو آهي ته جڏهن سيدنا صديق اڪبر تمام ڳري رقم ادا ڪري حضرت بلال رضي الله عنه کي آزاد ڪرايو تڏهن ڪفارن کي حيرت لڳي ته ايتري وڏي رقم ادا ڪري حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه حضرت بلال کي ڪهڙي وجه جي ڪري آزاد ڪرايو. تڏهن بعض ڪفارن چيو ته شايد حضرت بلال رضي الله عنه جو حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه تي ڪو احسان هوندو.

انهيءَ وقت اها آيت نازل تي الله پاڪ ظاهر فرمايو ته ابو بڪر صديق جو اهو عمل خالص الله پاڪ جي رضا خاطر آهي ڪنهن جي احسان جو بدلو ناهي نه حضرت بلال رضي الله عنه جو ڪو ابو بڪر صديق رضي الله عنه تي ڪو احسان آهي. حضرت بلال کان علاوه به ڪيترائي شخص آهن جن کي سيدنا صديق اڪبر اسلام خاطر خريد ڪري آزاد ڪري ڇڏيو.

سيني مفسرين ڪرام جو اتفاق؛ آهي ته سيني وڌيڪ متقي، پرهيزگار امت ۾ سيدنا صديق اڪبر رضي الله عنه جن آهن.

احاديث مبارڪه شان حضرت سيدنا ابو بڪر صديق رضي الله تعالي عنه بزبان مصطفي صلي الله تعالي عليه وآله وسلم

حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه آقا ڪريم خاتم النبيين ﷺ جو بلا فصل پهريون خليفو ظاهري . باطني، ديني، دنياوي، شريعت، طريقت ۽ روحانيت جو به خليفو بلا فصل آهي حضرت نبي ڪريم خاتم النبيين ﷺ جن جي سهري هجڻ جو به شرف حضرت ابو بڪر رضي الله تعالي عنه کي حاصل آهي

سندن جو اسم مبارڪ عبد الله ڪنيت ابو بڪر لقب صديق ۽ عتيق آهن. سندن جي والد جو نالو عثمان ڪنيت ابو قحافه والده جو نالو سلمي ڪنيت ام الخير آهي.

حضرت سيدنا صديق اڪبر رضي الله تعالي عنه حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم سان محبت ۽ الفت ۽ غلامي جو حق ادا ڪري ڏيکاريو. سندن سيرت ۽ طرز عمل امت لاء مشعل راه آهي.

منهنجا دوستو: ڪجهه روايتون حضرت سيدنا ابو بڪر صديق رضي الله تعالي عنه جي شان ۾ ملاحظه فرمايو.

1. سهڻي حبيب ڪريم صلي الله تعالي عليه وآله وسلم فرمايو ته: جيڪڏهن پنهنجي امت مان ڪنهن کي دلي دوست بنايان ها ته ابو بڪر کي دوست بنايان ها. (صحيح مسلم)

2. حضرت ابو هريره رضي الله تعالي عنه کان روايت آهي هڪ ڏينهن حبيبن ڪريمن صلي الله تعالي عليه وآله وسلم فرمايو ته اڄ روزيدار ڪير آهي؟ ابو بڪر چيو مان. پاڻ فرمايائون اڄ ڪير جنازي ۾ شريڪ ٿيو آهي؟ ابو بڪر صديق چيو ته مان. پاڻ پڇيائون اڄ مسڪين کي ماني ڪنهن کارائي؟ ابو بڪر چيو ته مون. پاڻ فرمايائون اڄ بيمار کان ڪنهن پڇيو آهي ابو بڪر چيو ته مون پاڻ فرمايائون: اهي سڀ شيون جنهن ماڻهو ۾ گڏ ٿيون ته اهو جنت ۾ داخل ٿيو. (صحيح مسلم)

3. حضرت عبد الله بن عمر رضي الله تعالي عنه چيو ته نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم حضرت ابو بڪر کي فرمايو ته: اي ابو بڪر تون حوض ڪوثر تي به منهنجو ساٿي هوندين غار ۾ به منهنجو ساٿي آهين. سنن الترمذي (613/5)

4. ترمذي حضرت ابو سعيد خدري رضي الله تعالي عنه کان روايت ڪئي رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم فرمايو ته: هر نبي جا ٻه وزير آسمان ۾ هوندا آهن ۽ ٻه وزير زمين تي هوندا آهن. منهنجا آسماني وزير جبريل ۽ ميڪائيل آهن: زمين وارن مان منهنجا ٻه وزير ابو بڪر ۽ عمر آهن. (سنن الترمذي)

منهنجا دوستو: جنهن طرح مُحبّ مهر منور، رفيق رسول انور، عاشق اڪبر رضي الله تعالي عنه کي محبوب رب اڪبر، مديني جي تاجور صلي الله تعالي عليه وآله وسلم سان بي پناه عشق ۽ محبت هئي، اهڙي طرح رسول رحمت، سراپا جود و سخاوت به صديق اڪبر رضي الله تعالي عنه سان محبت ۽ شفقت فرمائيندا هئا. اعلي حضرت مولانا شاه احمد رضا خان عليه رحمة الرّحمن فتاوي رضويه جلد 8 صفحي 610 تي اهي حديثون جمع ڪيون آهن جنهن ۾ رسول الله صلي الله تعالي عليه وآله وسلم پنهنجي پياري صديق اڪبر رضي الله تعالي عنه جي شان رفعت نشان بيان فرمائي آهي. ٽي روايتون ملاحظه فرمايو:

(1) حِبر الاُمَّه (هن امت جي وڏي عالم) حضرت سيدنا عبد الله ابن عباس رضي الله تعالي عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم ۾ سندن جا صحابه عليهم الرضوان هڪ ڏينهن تلاء ڏانهن تشريف وٺي ويا، حضور صلي الله تعالي عليه وآله وسلم ارشاد فرمايو: هر شخص پنهنجي دوست ڏانهن تري وڃي سيني ائين ڪيو جو صرف رسول الله صلي الله تعالي عليه وآله وسلم ۽ (حضرت سيدنا) ابوبڪر صديق رضي الله تعالي عنه باقي رهيا، رسول الله صلي الله تعالي عليه وآله وسلم صديق اڪبر رضي الله تعالي عنه ڏانهن تشريف وٺي ويا ۽ انهن کي ڀاڪر پائي فرمايائون: *”مان ڪنهن کي خليل بڻايان هان ته ابوبڪر رضي الله تعالي عنه کي بڻايان هان پر اهي ته منهنجا محبوب آهن“* (المعجم الڪبير ج 11 ص 208)

(2) حضرت سيدنا جابر بن عبد الله رضي الله تعالي عنه کان روايت آهي: اسين حضور پرنور صلي الله تعالي عليه وآله وسلم جي خدمت اقدس ۾ حاضر هئاسين ته ارشاد فرمايو: هن وقت اوهان وٽ اهو شخص ظاهر ٿيندو جنهن کي الله عزوجل مون کان ۽ انبياء کان بعد ان کان وڌيڪ بهتر ۽ بزرگ ڪنهن کي ناهي بڻايو،

۾ ان جي شفاعت انبياء ڪرام عليهم السلام جي شفاعت وانگر هوندي اسين حاضر ٿي هئاسين جو حضرت سيدنا صديق اڪبر رضي الله تعالي عنه نظر آيا سيد عالم صلي الله تعالي عليه وآله وسلم بيهي رهيا ۽ حضرت سيدنا صديق اڪبر رضي الله تعالي عنه کي پيار ڪيو ۽ سيني سان لڳايو (تاريخ بغداد ج 3 ص 340)

(3) حضرت سيدنا عبد الله بن عباس رضي الله تعالي عنه کان روايت آهي: مون حضور اڪرم صلي الله تعالي عليه وآله وسلم کي امير المؤمنين حضرت سيدنا علي المرتضي ڪرم الله تعالي وجهه الڪريم سان گڏ بيني ڏٺو، ايتري ۾ حضرت سيدنا ابوبڪر صديق حاضر ٿيا. حضور پرنور صلي الله تعالي عليه وآله وسلم انهن سان مصافحو فرمايو (يعني هٿ ملايو) ۽ ڳلي لڳايو ۽ سندن جي دهن (يعني چپن) تي چمي ڏني. مولي علي ڪرم الله تعالي وجهه الڪريم عرض ڪيو. ڇا حضور صلي الله تعالي عليه وآله وسلم ابوبڪر رضي الله تعالي عنه جا چپ چمن ٿا؟
فرمايائون: اي" ابو الحسن (علي المرتضي) رضي الله تعالي عنه ابوبڪر رضي الله جو مرتبو مون وٽ ائين آهي جيئن منهنجو مرتبو منهنجي رب جي" حضور.
(فتاوي رضويه ج 8 ص ،612610)

پوري امت جو متفقه عقيدو آهي ته افضل البشر بعد از انبياء بالتحقيق سيدنا صديق اڪبر رضي الله عنه آهن.

ملفوظات شريف
امام العارفين حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي رضي الله عنه

نقل: 18 خليفو ميان لقمان عليه الرحمت نقل ڪري ٿو ته پاڻ فرمايائون ته ميان محمد عالم نالي هڪ علم ۽ عمل جو بزرگ هو تنهن کان مير بهرام ٽالپر مسئلو پڇيو ته ڇهڙي يعني حرام خور جو ڪٽل جانور کائڻ جائز آهي يا نه؟ بزرگ جواب ڏنس ته ڇهڙا ٻن قسمن جا ٿيندا آهن. هڪڙا ننڍا ٻيا وڏا، تون الائي ڪهڙي ڇهڙي بابت ٿو پڇين؟ مير حيران ٿي پڇيس ته بزرگا! وڏو ڇهڙو ڪهڙو ۽ ننڍو ڪهڙو؟ جواب ڏنائينس ته وڏا ڇهڙا اوهين اهل دنيا جا ماڻهو آهيو، ۽ ننڍا ڇهڙا عام ڇهڙا آهن جي مشهور معروف آهن، ڇو ته هو ويچارا رڳو ڍونڍ کائيندا آهن، پر انهي سان گڏ اهو به سمجهندا آهن ته ڍونڍ آهي حرام، پر توهان جيڪي وڏا ڇهڙا آهيو سي چورڙن ٻارن ۽ مظلومن ٻي واهن جا مال ظلم سان زوري ڦري کائي ٿا وجو جو سخت حرام آهي، پر پانيو وري ائين پيا ته حلال ٿا کائون.

(ملفوظات شريف جلد پهريون صفحو 360)

ماهوار رسالو ضياء الاسلام

السلام عليڪم ورحمت الله وبرڪاتہ : الحمد لله علي احسانہ دار العلوم جامعہ غوثيہ رضويہ باء پاس روڊ ڏوڪري ۾ ، 2004 ڪان ديني تعليم ۽ دنياوي تعليم جون خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي هن اداري جو بنياد استاد الحفاظ سائين حافظ عبداللطيف جوڻيجو قادري زيد مجده جن رکڻ فرمايو، هن وقت هن اداري ۾ پنجاه ڪان وڌيڪ مسافر طالب علم مفت ديني تعليم سان گڏ دنياوي تعليم بہ حاصل ڪري رهيا آهن، ۽ سئو ڪان وڌيڪ مقامي شاگرد ۽ ڪثير تعداد ۾ گهر ۾ نياڻيون تعليم حاصل ڪري رهيون آهن، اداري جي طرفان طلباء ڪرام ڪي مفت تعليم سان گڏ، رهائش، طعام ۽ ابتدائي طبي سهولت فراهم ڪئي ويندي آهي،

رابطي لاء:03063475291

منجانب: دار العلوم جامعہ غوثيہ رضويہ باء پاس روڊ ڏوڪري لاڙڪاڻو